SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 2012

SINDH ACT NO.XVIII OF 2012

سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2012

THE SINDH TEACHERS EDUCATION DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 2012

فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

باب _II

اٿارٽي جو قيام

Chapter_II

Establishment of The Authority

3. اٿارٽي جو قيام ۽ شموليت
Establishment and incorporation of the Authority

4. اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Authority

5. هدايتون جاري ڪرڻ جو حڪومتي اختيار
Power of Government to issue directions

باب _III

اٿارٽي جي مينجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن

Chapter_III

Management and Administration of the Authority

6. اٿارٽي جي مينجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن

Management and Administration of Authority

7. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

8. ميمبرز جي نااهلي ۽ معاوضو

Disqualification and remuneration of members

9. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

10. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي مقرري

Appointment of Executive Director

11. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جا اختيار

Powers of Executive Director

12. آرگنائيزيشنل ٽائير

Organizational Tier

13. ڪميٽيز

Committees

14. عملدارن ۽ عملي جي مقرري

Appointment of officers and staff

15. جاچ

Inspection

16. سرڪاري ملازمن جي اٿارٽي ڏانهن بدلي

Transfer of the employees of Government to Authority

باب _IV
مالي فراهمي
Chapter_IV
Financial Provision

17. فنڈ
Fund

18. آڈٹ ءِ اکائونٹس
Audit and Accounts

19. بجيٹ ءِ اکائونٹس
Budget and Accounts

20. اکائونٹس جي مينٽيننس
Maintenance of Accounts

21. رپورٹون جمع کرائڻ
Submission of Reports

22. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

23. سرڪاري ملازم
Public Servant

24. کارروائين جو موثر هئڻ
Validity of Proceedings

25. ضمانت
Indemnity

26. عام مهر
Common Seal

27. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

28. ضابطا جوڑنے جو اختیار

Power to make regulations

29. رندبکے ہٹانے

Removal of difficulty

سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريہ 2012
SINDH ACT NO.XVIII OF 2012
سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2012
THE SINDH TEACHERS EDUCATION DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 2012

[8 نومبر 2012]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي جو قيام عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ استادن جي تعليم ۽ پروفيشنل ڊولپمينٽ جي انتظامن ۽ هلائڻ لاءِ اٿارٽي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

2.جيستائين کجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ

Definitions

هجي، تيستائين:

(a) "تسليم شده ادارو" مطلب اٹارٽي طرفان تسليم شده ادارو؛

(b) "اٹارٽي" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ٹيل اٹارٽي؛

(c) "بورڈ" مطلب دفعہ 7 تحت جوڑيل بورڈ آف گورنرز؛

(d) "چيئرپرسن" مطلب بورڈ جو چيئرپرسن؛

(e) "ايگزيڪيوٽو ڈائريڪٽر" مطلب دفعہ 10 تحت مقرر ڪيل اٹارٽي جو ايگزيڪيوٽو ڈائريڪٽر؛

(f) "فنڈ" مطلب دفعہ 17 تحت قائم ڪيل فنڈ؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "ادارو" مطلب ادارو جيڪو استادن جي تعليم ۽ پروفيشنل ڈولپمينٽ ۾ ڪورسز ۽ تربيت آڇي ٿو؛

(i) "شروعاتي استاد تعليم" مطلب پروفيشنل ڈولپمينٽ لاءِ تدريس کان اڳ تربيت؛

(j) "ميمبر" مطلب بورڈ جو ميمبر؛

(k) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(l) "پروفيشنل ڈولپمينٽ" مطلب تعليمي عملدار جي علم ۽ هنر کي وڌائڻ لاءِ ڪالهہ ٻولهہ جو قسم؛

(m) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڑيل قاعدا؛

(n) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڑيل ضابطا؛ ۽

(o) "استادن جي تعليمي ترقي" مطلب ماڻهن کي

سمورين سطحن تي تدريس ڏيڻ لاءِ تعليم، تحقيق يا تربيت ڏيڻ جا پروگرام ۽ جنهن ۾ شامل آهن غير روايتي، ڊسٽنس ۽ تعليم جاري رکڻ.

باب _II
اٿارٽي جو قيام
Chapter_II
Establishment of the Authority

باب _II
اٿارٽي جو قيام
Chapter_II
Establishment of The Authority

اٿارٽي جو قيام ۽ شموليت
Establishment and incorporation of the Authority

3.(1) هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ هن ايڪٽ جي گنجائشن متحرڪ ۽ غير متحرڪ ٻنهي قسم جي ملڪيت رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ ساڳي نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا ۽ اها پنهنجون آفيسون اهڙين جڳهن يا سنڌ صوبي ۾ هنڌن تي قائم ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Authority

4.(1) اٿارٽي کي اختيار هوندا تہ:

(a)استادن جي تعليم بابت طئي ٿيل ۽ سهڪار سان ترقي لاءِ قدم کڻڻ کي يقيني بڻائڻ ۽ استادن جي تعليم جي معيارن جي پابندي ۽ سار سنيال لاءِ قدم کڻڻ؛

(b) استادن جي تعليم جي مختلف رخن سان لاڳاپيل سروي ۽ استديز ڪرائڻ ۽ انهن جي نتيجن کي شايع ڪرائڻ؛

(c) استادن جي تعليم جي ميدان ۾ موزون منصوبا ۽ پروگرام تيار ڪرڻ لاءِ حڪومت، يونيورسٽيز ۽ تسليم شده ادارن کي سفارشون ڪرڻ؛

(d) اسڪولن يا تسليم شده ادارن ۾ استاد جي نوڪري لاءِ ڪنهن ماڻهو جي مقرري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ قابليت جي رهنمائي جوڙڻ؛

(e) اسڪولن ۾ استادن جي ترقي ۽ ڪيريئر جي رستي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪرائيٽيريا لاءِ رهنمائي جوڙڻ؛

(f) استادن جي تعليم ۾ مقرر ڪيل درجن جي ڪورسز يا تربيت بابت ضابطا طئي ڪرڻ، جن ۾ داخلا لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اهليت جا معيار، اميدوارن جي چونڊ جو طريقو، ڪورس جي مدت ۽ نصاب جو طريقو شامل هجي؛

(g) نون ڪورسز، پروگرامز يا تربيت شروع ڪرڻ ۽ جسماني ۽ تدريسي سهولتن، اسٽافنگ جي جوڙجڪ ۽ عملي جي قابليتن جي فراهمي لاءِ منظور شده ادارن جي عملدرآمد لاءِ هدايتون جاري ڪرڻ؛

(h) استادن جي تعليم ڏانهن وڌي ويندڙ امتحانن جا معيار مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي نگراني ڪرڻ، اهڙن امتحانن ۾ داخلا جا معيار ۽ ڪورسز يا

تربيت جون اسڪيمون تيار ڪرڻ؛

(i) استادن جي تعليم جي مختلف شعبن ۾ جدت ۽ تحقيق کي فروغ ڏيڻ ۽ هلائڻ، ۽ ان جا نتيجا شايع ڪرڻ؛

(j) اثارٽي پاران مقرر ڪيل هدايتن ۽ معيارن جي عملدرآمد جو وقت بوقت جائزو ونڻ ۽ منظور شده ادارن کي صلاحون ڏيڻ؛

(k) منظور شده ادارن ۾ جوابدهي لاڳو ڪرڻ لاءِ مناسب ڪارڪردگي جائزي جا نظام ضابطا ۽ طريقا تيار ڪرڻ؛

(l) استادن جي تعليم ۽ ترقي جي مختلف سطحن لاءِ اسڪيمون ترتيب ڏيڻ؛

(m) سيني تعليمي پيشورانہ عهدن لاءِ معيار ۽ قابليتون تجويز ڪرڻ؛

(n) استادن ۽ ٻين پيشاورن لاءِ ضابطنِ اخلاق تيار ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ، جنهن ۾ استادن جي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ صوبي جي ماڻهن سميت سيني لاڳاپيل ڌرين کي شامل ڪيو وڃي، تہ جيئن استادن جي پيشاورانہ رويي جي ترقي ۽ نگراني ٿي سگهي؛

(o) رهنمائن (مينٽرز) ۽ استادن لاءِ معيار ۽ منصوبا تيار ڪرڻ؛

(p) استادن جي تعليم ۽ پيشاورانہ ترقي لاءِ سرڪاري ۽ نجي شعبي سميت ٻين خدمتي فراهم ڪندڙ ادارن کي منظور ڪرڻ ۽ انهن جي

نگراني ڪرڻ؛

(q) استادن جي جاري پيشاورانہ ترقي لاءِ جامع معيار تيار ڪرڻ؛

(r) استادن لاءِ پيشاورانہ ترقي بابت رپورٽون تيار ڪرڻ ۽ وقت بوقت پيش ڪرڻ، ۽ ان مقصد لاءِ ڊيٽابيس برقرار رکڻ-

(s) ابتدائي استادن جي تعليم لاءِ معيار ۽ معيار جي يقيني بڻائڻ جا طريقا مقرر ڪرڻ؛

(t) استادن جي سرٽيفڪيشن لاءِ پاليسي تيار ڪرڻ ۽ قدم کڻڻ؛

(u) خانگي شعبي ۾ استادن جي تعليم لاءِ پاڻمرادو ضابطي جو نظام تيار ڪرڻ ۾ مدد لاءِ سڀ قدم کڻڻ؛ ۽

(v) قانون موجب مقرر ڪيل ٻيا سڀ ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ.

5. حڪومت، جڏهن به ضروري سمجهي، پاليسي جي معاملن بابت اختيارين کي هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، ۽ اهڙيون هدايتون اختيارين تي لازم هونديون.

هدايتون جاري ڪرڻ جو حڪومتي اختيار

Power of Government to issue directions

باب _III

اٿارٽي جو انتظام ۽ انتظامي ڪاروهنوار

Chapter_III

Management and Administration of the Authority

باب _III

اٿارٽي جي مينجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن

Chapter_III

Management and

Administration of the Authority

اٿارٽي جي مينجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن

Management and Administration of Authority

6. (1) هن قانون ۾ ان جي قاعدن ۽ ضابطن جي ٻين شقن جي تابع، اختيارين جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا سڀ معاملا بورڊ وٽ هوندا، جيڪو اختيارين طرفان استعمال ٿيندڙ سڀ اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ سڀ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو.

(2) بورڊ، پنهنجا فرض سرانجام ڏيندي، حڪومت طرفان وقت بوقت ڏنل هدايتن جي روشني ۾ ڪم ڪندو.

(3) جيڪڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ته ڪو معاملو پاليسي جو آهي يا نه، ته ان بابت حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

7.(1)بورڈ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i)	ايجوڪيشن ۽ لٽريسي جو وزير	چيئرپرسن
(ii)	ايجوڪيشن ۽ لٽريسي بابت استيڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين سميت صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٽي ميمبر اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛	ميمبر
(iii)	سيڪريٽري ايجوڪيشن ۽ لٽريسي؛	ميمبر
(iv)	استادن جي تعليم جي	ميمبر

	صوبائي اداري جو ڊائريڪٽر جنرل:	
(v)	ڊائريڪٽر بيورو آف ڪيوريڪولم	ميمبر
(vi)	چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ	ميمبر
(vii)	ايڊيشنل سيڪريٽري، ايجوڪيشن (اڪيڊمڪ اينڈ ٽريننگ)	ميمبر
(viii)	هائير ايجوڪيشن ڪميشن (سنڌ) مان نمائندو	ميمبر
(ix)	ٽيچرز ايجوڪيشن انسٽيٽيوٽ مان نمائندو (چيئرپرسن طرفان نامزد ڪيو ويندو)	ميمبر
(x)	پبلڪ يونيورسٽيز مان نمائندو (چيئرپرسن طرفان نامزد ڪيو ويندو)	ميمبر
(xi)	نجي يونيورسٽيز يا ساک رکندڙ ادارن مان نمائندو (چيئرپرسن طرفان نامزد ڪيو ويندو)	ميمبر
(xii)	سول سوسائٽي مان ٻه نمائندا (چيئرپرسن طرفان نامزد ڪيا ويندا)	ميمبرز

(xiii)	به نامیارا تعلیمدان (چیئرپرسن طرفان نامزد کیا ویندا)	میمبرز
(xiv)	ایگزیکیوٹو ڈائریکٹر	میمبر

(2)ایگزیکیوٹو ڈائریکٹر بورڈ جي سیکریٹري طور کم کندو.

(3) بورڈ کنهن به خاص مقصد لاءِ کنهن به شخص کي میمبر طور شامل کري سگهي ٿو. پر اهڙي شخص کي ووٹ ڈیٹ جو حق حاصل نه هوندو.

(4) کو به سرکاري میمبر جیکو پنهنجي عهدي جي بنیاد تي مقرر کیو ویو هجي، اهو عهدو خالي کرڻ تي میمبر نه رهندو.

(5) غیر سرکاري میمبر ٽي (3) سال لاءِ عهدي تي رهندو ۽ بورڈ جي فیصلي موجب ٻیهر ساڳئي مدت لاءِ ٻیهر مقرر ٿیڻ جو اهل هوندو.

(6) غیر سرکاري میمبر پنهنجي مدت ختم ٿیڻ کان اڳ کنهن به وقت پنهنجي عهدي تان استعیفیٰ ڏئي سگهي ٿو یا بورڈ بغیر کنهن سبب ٻڌائڻ جي کیس عهدي تان هٽائي سگهي ٿو.

(7) غیر سرکاري میمبر جي عهدي ۾ اتفاقي خالي جاءِ تي مقرر کیل شخص باقي بچیل مدت لاءِ عهدي تي رهندو.

میمبرز جي نااهلي ۽ معاوضو

Disqualification and

8. (1) کو به شخص میمبر نه هوندو یا میمبر رهندو جیکو:

(a) پاکستان جو شهري نه هجي؛

remuneration of members

(b) ذهني بيمار قرار ڏنو ويو هجي يا ذهني توازن وڃائي ويهي؛

(c) ڪنهن اهڙي ڏوهه ۾ سزا يافته هجي جنهن ۾ اخلاقي بدعنواني شامل هجي؛

(d) ڪنهن به وقت ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي؛

(e) ڪنهن به وقت سرڪاري نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو هجي؛

(f) هن ايڪٽ جي شقن جي ابتڑ عمل ڪري رهيو هجي؛

(g) حڪومت جي اجازت کان سواءِ سڌي يا اڻ سڌي طرح اثارتي جي ڪنهن به منصوبي، اسڪيم يا ملڪيت ۾ مالي مفاد رکي.

(2) اثارتي غير سرڪاري ميمبرن کي اهڙو معاوضو ڏيڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

9. (1) بورڊ جون گڏجاڻيون ضابطن تحت هلنديون، پر جيستائين اهڙا ضابطا تيار نه ٿين، گڏجاڻيون چيئرمين جي گهرج مطابق، سندس مقرر ڪيل وقت ۽ جاءِ تي ٿينديون؛ شرط اهو آهي ته هر ٽه ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ گڏجاڻي ضرور ٿيندي.

(2) بورڊ جي ڪُل ميمبرن جو اڌ تعداد گڏجاڻي لاءِ ڪورم هوندو. ميمبرن کي گڏجاڻي جي وقت، جاءِ ۽ فيصلي وارن معاملن بابت مناسب اطلاع ڏنو ويندو.

(3) بورڊ جو فيصلو موجود ميمبرن جي اڪثريت سان ڪيو ويندو ۽ برابري جي صورت ۾ گڏجاڻي جي

صدارت ڪندڙ چيئرمين کي فيصلائتو ووٽ حاصل هوندو.

(4) بورڊ جا سڀ حڪم ۽ فيصلا لکت ۾ هوندا ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پاران صحيح ڪيا ويندا.

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي مقرري

Appointment of Executive Director

10. (1) اٿارٽي جو هڪ مڪمل وقت وارو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هوندو، جيڪو بورڊ جي سفارش تي حڪومت طرفان، اهڙين شرطن ۽ حالتن تي مقرر ڪيو ويندو جيئن حڪومت ٺهڪي ڪري.

(2) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اعليٰ ڪردار ۽ قابليت وارو نامور ماهر هوندو، جنهن وٽ سرڪاري يا نجي شعبي جي انتظام جو تجربو هوندو، خاص طور تي انساني وسيلن جي انتظام، مالي انتظام، پروگرام لاڳو ڪرڻ، ۽ اضافي طور استادن جي تعليم، تعليمي منظوري ۽ معيار يقيني بڻائڻ جي طريقن جي فني ڄاڻ ۾ هوندي.

(3) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر چار (4) سالن جي مدت لاءِ مقرر ڪيو ويندو ۽ سندس ڪارڪردگي جي بنياد تي ٻي چار (4) سالن جي مدت لاءِ ٻيهر مقرر ٿيڻ جو اهل هوندو.

(4) حڪومت ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کي برطرف ڪندي جيڪڏهن هو:

(a) هن ايڪٽ تحت پنهنجي ذميوارين کي نيائڻ ۾ ناڪام رهي؛

(b) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ پنهنجي عهدي جو غلط استعمال ڪيو هجي؛ يا

(c) حڪومت جي لکت ۾ اجازت کان سواءِ سڌي يا اٽسڌي طرح اثارتي جي ڪنهن ۾ ملکيت، اسڪيم، منصوبي يا ۾ ڪنهن معاملي ۾ ڪنهن ۾ قسم جو حصو يا مفاد حاصل ڪيو هجي يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي-

(5) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڪنهن ۾ وقت حڪومت کي لکت ۾ پنهنجي دستخط سان استعيفيٰ ڏئي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو-

(6) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پنهنجي عهدي جي مدي دوران ڪنهن ۾ ۾ نوڪري، ڪاروبار، پيشو يا ملازمت سان لاڳاپيل نہ ٿيندو، ۽ نہ ئي هو پنهنجي عهدي جي ختم ٿيڻ کان هڪ سال اندر ڪنهن اهڙي شخص يا اداري سان، جيڪو نجي شعبي جي خدمت فراهم ڪندڙ طور اثارتي سان لاڳاپيل هجي، صلاحڪاري يا مشاورتي حيثيت ۾ ملازمت قبول ڪندو:

بشرطيڪ جيڪڏهن ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سرڪاري ملازم هجي تہ سندس رٽائرمينٽ يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي عهدي تان بدلي ٿيڻ کان پوءِ سندس ملازمت تي ڪا اهڙي پابندي لاڳو نہ ٿيندي، ۽ جيڪڏهن هو نجي شعبي مان هجي تہ هو سرڪاري خريداري جي سرگرمين ۾ شامل ڪنهن ۾ ڪمپني سان سڌي يا اٽسڌي مالي دلچسپي يا ڪنهن ۾ قسم جو لاڳاپو نہ رکندو، جيستائين هو عهدي تي فائز رهي ۽ ان

کان پوءِ هڪ سال تائين.

11.(1) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اٿارٽي جو انتظامي سربراهه هوندو ۽ ڪيس هينيان اختيار ۽ ذميواريون حاصل هونديون:

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جا اختيار

Powers of Executive Director

(a) اٿارٽي جي روزمره جي ڪارروائي تي انتظامي ڪنٽرول رکڻ، جنهن ۾ انتظام، مالي انتظام ۽ انساني وسيلن جو انتظام شامل هوندو؛

(b) اٿارٽي جا سالياني بجيٽ تجويزون بورڊ کي پيش ڪرڻ؛

(c) اٿارٽي جي مقصدن جي حاصلات لاءِ ان جا معاملا هلائڻ؛

(d) اٿارٽي جي سالياني رپورٽ تيار ڪري بورڊ آڏو پيش ڪرڻ؛

(e) اهي ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهي اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي بورڊ ڪيس تفويض ڪري؛ ۽

(f) ڪنهن به هنگامي حالت ۾ اٿارٽي جي نمائندگي ڪندي قدم کڻڻ، بشرطيڪ اهڙن قدمن جي رپورٽ ايندڙ بورڊ اجلاس ۾ پيش ڪئي وڃي ۽ بورڊ کان انهن قدمن جي توثيق حاصل ڪئي وڃي.

12. ضابطن موجب ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي ماتحت اٿارٽي جو مڪمل تنظيماتي ڍانچو قائم ڪيو ويندو.

آرگنائيزيشنل ٽائير

Organizational Tier

13. بورڊ پنهنجي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ

ڪميٽيز

Committees

ضروري سمجهي ته انتظامي ۽ فني ڪميٽيون قائم ڪري سگهي ٿو ۽ انهن کي مناسب ذميواريون سونپي سگهي ٿو.

عملدارن ۽ عملي جي مقرري

Appointment of officers and staff

14. (1) اٿارٽي پنهنجي ڪمن جي مؤثر انجام لاءِ اهڙا آفيسر، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ، ماهر ۽ ٻيو عملو مقرر ڪري سگهي ٿي، جن وٽ ضروري پيشورانه، فني، دفتري يا سيڪريٽيريل قابليت ۽ تجربو هجي، جيئن ضابطن ۾ مقرر ڪيو وڃي.

(2) آفيسر، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ ۽ ٻيو عملو ضابطن موجب نظم و ضبط جي ڪارروائي جو پابند هوندو.

جاچ

Inspection

15. (1) اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته تسليم ٿيل ادارا هن ايڪٽ جي شقن موجب ڪم ڪري رهيا آهن يا نه، اٿارٽي ڪنهن به اهڙي اداري جو معائنو ڪرائي سگهي ٿي، جيڪو ان جي اختيار ڏنل شخص طرفان، مقرر ڪيل طريقي مطابق ڪيو وڃي.

(2) اٿارٽي اداري کي ان تاريخ بابت آگاهه ڪندي جنهن تي ذيلي شق (1) تحت معائنو ڪيو ويندو، ۽ ادارو مقرر ڪيل طريقي مطابق معائني ۾ سهڪار ڪندو.

(3) اٿارٽي اهڙي معائني جي نتيجن بابت اداري کي پنهنجي راءِ آگاهه ڪندي، ۽ اداري جا تبصرا حاصل ڪرڻ کان پوءِ، معائني جي نتيجي طور ڪڍ لاءِ گهربل ڪارروائي بابت اداري کي سفارش ڪري سگهي ٿي.

سرڪاري ملازمن جي

16. (1) جتي اٿارٽي کي ڪنهن اهڙي شخص جي

خدمتن جي ضرورت هجي جيڪو سرڪاري ملازم هجي، اتي اٿارٽي حڪومت کان اهڙي شخص يا ماڻهن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪري سگهي ٿي، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن حڪومت مقرر ڪري، جيڪي انهن شرطن کان گهٽ سازگار نه هوندا جيڪي انهن کي اٿارٽي ڏانهن منتقلي کان فوري اڳ حاصل هجن.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت منتقل ڪيل ملازم حڪومت جا ئي ملازم رهندا، حڪومت جي ضابطن تحت هليا ويندا، ۽ ضابطن موجب جيڪڏهن انهن جي رضامندي سان اٿارٽي جي سروس ۾ ضم نه ڪيا وڃن تہ کين ٻيهر حڪومت ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو. اهڙن ملازمن جي پينشن، گريجوئيٽي ۽ ٻيا سروس فائدا اٿارٽي جي ذميواري هوندا.

اٿارٽي ڏانهن بدلي

Transfer of the employees of Government to Authority

باب – IV

مالي گنجائشون

Chapter_IV

Financial Provisions

باب _IV

مالي فراهمي

Chapter_IV

Financial Provision

17. (1) هڪ فنڈ قائم ڪيو ويندو جنهن کي "سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن اينڈ ڊولپمينٽ اٿارٽي فنڈ" سڏيو ويندو، جيڪو اٿارٽي وٽ هوندو ۽ ان جي انتظام ۽ هلائڻ جا اختيار اٿارٽي وٽ هوندا.

فنڈ

Fund

(2) اٿارٽي جون سڀ وصوليون، ڪنهن بہ ذريعي مان هجن، جن ۾ حڪومت کان ملندڙ سالياني گرانٽون پڻ شامل آهن، فنڈ ۾ جمع ڪيون ويندیون.

(3) حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ اٿارٽي کي سالياني گرانٽون فراهم ڪندي.

(4) اٿارٽي نجي شعبي سميت ٻين ذريعن مان به گرانٽون حاصل ڪري سگهي ٿي.

(5) اٿارٽي پنهنجا فنڊ سيڙپڪاري اسڪيمَن ۾، جن ۾ سرڪاري سيڪيورٽيز پڻ شامل آهن، فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ سيڙپ ڪري سگهي ٿي.

(6) فنڊ کي انهن قاعدن مطابق هلائبو ۽ سنياليو ويندو جيئن ضابطن ۾ مقرر ڪيل هجي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

18. (1) اٿارٽي قاعدن مطابق آمدني ۽ خرچن جا حساب ڪتاب سنياليو رکندي.

(2) اٿارٽي هڪ اندروني آڊٽ ڊويزن قائم ڪندي، جيڪا باقاعدگي سان ادارتي اندروني جانچ ۽ ڪنٽرول ڪندي.

(3) اٿارٽي جا حساب هر سال بورڊ پاران منظور ٿيل خارجي چارٽرڊ اڪائونٽنٽس جي فرم ذريعي آڊٽ ڪرايا ويندا، ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ جي رپورٽ آڊٽ ٿيل حسابن سان گڏ حڪومت کي پيش ڪئي ويندي.

بجيٽ ۽ اڪائونٽس
Budget and Accounts

19. اٿارٽي پنهنجا حساب صحيح نموني سان سنياليندي ۽ هر مالي سال جي حوالي سان، حڪومت جي منظوري لاءِ اهڙي تاريخ ۽ اهڙي صورت ۾، جيئن حڪومت مقرر ڪري، هڪ بيان پيش ڪندي، جنهن ۾ اندازي مطابق آمدني، موجوده خرچ ۽ ايندڙ مالي سال دوران حڪومت کان گهربل رقم شامل هوندي.

اڪائونٽس جي مينٽيننس

20. اٿارٽي صحيح حساب ڪتاب رکندي ۽ هر مالي

Maintenance of Accounts	سال جي پڇاڻي کان پوءِ، ان مالي سال لاءِ اٿارٽي جي حسابن جو بيان تيار ڪرائيندي، جنهن ۾ بيلنس شيٽ ۽ آمدني ۽ خرچن جو کاتو شامل هوندو.
Submission of Reports	رپورٽون جمع ڪرائڻ 21. (1) اٿارٽي پنهنجي سرگرمين بابت حڪومت کي سالياني رپورٽ پيش ڪندي ۽ حڪومت جي گهرج مطابق وقت بوقت ضروري معلومات فراهم ڪندي. (2) اٿارٽي سموري لاڳاپيل معلومات پنهنجي ويب سائيٽ تي صارف دوست انداز ۾ شايع ڪندي.
Delegation of Powers	اختيارن جي منتقلي 22. بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي پنهنجا اختيار، ڪم ۽ ذميواريون چيئرمين، ڪنهن ميمبر يا اٿارٽي جي ڪنهن آفيسر کي منتقل ڪري سگهي ٿو.
Public Servant	سرڪاري ملازم 23. اٿارٽي جو هر ملازم، جنهن ۾ آفيسر، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ ۽ هر اهو شخص شامل آهي جيڪو هن ايڪٽ، قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪم ڪري ٿو يا ڪم ڪرڻ جو دعويدار آهي، پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي سيڪشن 21 تحت عوامي خادم سمجهيو ويندو.
Validity of Proceedings	ڪارروائين جو موثر هئڻ 24. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪو به عمل، ڪنيل ڪارروائي يا جاري ڪيل حڪم صرف ان بنياد تي باطل قرار نه ڏنو ويندو ته بورڊ ۾ ڪا خالي جاءِ آهي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪو نقص موجود آهي.
Indemnity	ضمانت 25. حڪومت، اٿارٽي، بورڊ، چيئرمين، يا اٿارٽي جي ڪنهن ميمبر، آفيسر، ملازم، صلاحڪار يا ڪنسلٽنٽ خلاف، هن ايڪٽ يا ان تحت ٺاهيل قاعدن ۽ ضابطن موجب نيڪ نيتي سان ڪيل يا ڪرڻ جو ارادو رکندڙ ڪنهن به عمل بابت، ڪو به مقدمو، فوجداري

ڪارروائي يا ٻيو قانوني عمل نہ هلندو.

عام مهر
Common Seal

26. (1) اٿارٽي وٽ هڪ گڏيل مهر (سيل) هوندي، جيڪا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر يا اهڙي شخص وٽ رکيل هوندي، جنهن کي چيئرمين اختيار ڏئي.

(2) مهر کي ضابطن مطابق تصديق ڪيو ويندو ۽ اهڙي تصديق ٿيل مهر سان لڳل ڪو به دستاويز ان ۾ ڄاڻايل معاملن جو ثبوت طور قبول ڪيو ويندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

27. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make regulations

28. اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان، هن ايڪٽ ۽ ان تحت ٺاهيل قاعدن سان غير متضاد ضابطا ٺاهي سگهي ٿي، ته جيئن هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪيا وڃن.

رندڪ هٽائڻ
Removal of difficulty

29. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪنهن به شق تي عمل ڪرائڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش اچي، ته حڪومت اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪو هن ايڪٽ جي شقن سان غير متضاد هجي، ته جيئن اها ڏکيائي ختم ڪئي وڃي.

نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.